ستن نفسن جو بيان

بفیضانِ نظر

حضرت صوفي فقير وزير حسين درازي قادري



سگِ درازا فقير عامر علي درازي

ستن 7 نفسن جو بيان

الله تبارڪ و تعالیٰ انساني قالب (جسم) ۾ عقل . قلب ۽ روح وانگر نفس کي بہ هڪ مستقل جوهر جي طور تي پيدا فرمايو آهي. نفس جا ست قسم آهن. هر قسم جي نفس جون جدا خوبيون ۽ صفتون آهن ۽ جدا اثرجيڪي انساني طبيعت ۽ مزاج، عادتن و خوبين ۽ اخلاق واعمالن سان معلوم ٿين ٿا. وڏيڪ جي لاءِ خود بہ ذڪر ڪيل احوال واخلاق جي صورت تي اثرانداز ٿئي ٿو ان جي لاءِ انسان جي روحاني ترقي جي لاءِ تمام وڏيڪ رياضت تزڪيہ نفس جي صورت ۾ مددگار ٿئي ٿي اهائي وجہ آهي جو حضور نبي اڪرم ﷺ جن ان نفس جي اصلاح و تطهير جي عمل ۽ پاڪائي جي محنت کي جهاد اڪبر سان تعبير فرمايو آهي.

هاڻي اسان نفس جي مختلف قسمن ۽ ضروري تفصيل تي روشني وجهون ٿا.

1 . نفس اماره

2 . نفس لوامہ

3 . نفس ملهمہ

4 . نفس مطمئن

5 . نفس راضيہ

6 . نفس مرضيہ

7 . نفس ڪاملہ (صافيہ)

1 . نفس اماره

هيءُ نفس ستن 7 قسمن مان پهريون نفس آهي، هي سڀ کان زياده گناهن جي طرف مائل ڪرڻ وارو ۽ دنيا جي حرص جي طرف وٺي وڃڻ وارو آهي، بدڪاري لذتن ۽ شهوتن ۽ جملہ بدڪارين جي طرف بہ اهوئي نفس اماره متوجہ ڪري ٿو نفس اماره جي نسبت قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي.

اِنَّ النَّفۡسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوۡٓءِ (يوسف 12۔ آيت 53)

بيشڪ نفس يقيناً برائيءَ جو وڏي شدت سان حڪم ڏيڻ وارو آهي.

نفس اماره جون صفتون:

نفس اماره جي صفتن ۾ بُخل، ڪنجوسي، حرص، طمع، لالچ، جهالت ۽ غفلت، سستي ۽ ڪاهلي، غصو، غيض و غضب غيبت ۽ چغلي ۽ عيب ڳولهڻ وغيره شامل آهن. انهن صفتن مان ڪنهن بہ هڪ صفت جو هجڻ بہ نفس اماره ڏي رجوع ڪري ٿي. هتي قرآن مجيد مان بطور نمونو نفس اماره جي فقط هڪ ٻن صفتن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ارشاد باري تعالٰي آهي.

1۔ أَفَكُلَّمَا جَاءَكُمْ رَسُولٌ بِمَا لَا تَهْوَىٰ أَنفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ (بقره 28۔ آيت 87)

تہ چا (ٿيو) جڏهن بہ ڪو پيغمبر توهان وٽ اُهي حڪم کڻي آيو جن کي توهان جا نفس ناپسند ڪندا هئا تہ توهان تڪبر اختيار ڪري ڇڏيو.
هتي نفس اماره جي ظاهري صفت تڪبر بيان ڪئي وئي آهي ۽ انڪار حق جو واقع هجڻ ان نفس جي مطابق بيان ڪيو ويو آهي.
2. ان طرح ارشاد ٿئي ٿو.
وَمَن يَرْغَبُ عَنْ مِّلَّةِ إِبْرَاهِيمَ إِلاَّ مَن سَفِهَ نَفْسَهُ (بقره 2. آيت 130)
۽ دين ابراهيم کان اهو شخص ئي بيزاري اختيار ڪري ٿو جنهن جو نفس جهالت ۽ بيوقوفي جي صفت رکي ٿو.
هتي نفس جي جهالت ۽ بيوقوفي جي صفت کي وڏي واضع طور تي بيان ڪيو ويو آهي.
3. نفس کي شهوت پرستي جي ڪيفيت کي هيئن بيان ڪيو ويو آهي.

زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوَاتِ مِنَ النِّسَاء وَالْبَنِينَ وَالْقَنَاطِيرِ الْمُقَنطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالأَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ذَلِكَ مَتَاعُ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَاللّهُ عِندَهُ حُسْنُ الْمَآبِ (العمران 3. آيت 14)
ماڻهن جي لاءِ ان خواهشن جي محبت (خوب) آرامده ڪئي وئي آهي (جنهن ۾) عورتون ۽ اولاد ۽ سون ۽ چاندي جا جمع ڪيل خزانہ ۽ نشان ڪيل خوبصورت گهوڙا ۽ مال ۽ زمين شامل آهن
هي (سڀ) دنيا جي زندگي جو سامان آهي ۽ الله سائين وٽ سٺي جاءِ آهي.

خواب ۾ نفس اماره جون مثالي صورتون.

هر نفس جي حالت سالڪ ۽ طالب راهہ حق کي وڏي آساني سان خواب جي ذريعي معلوم ٿي سگهي ٿي. هر نفس پنهنجي حالت ۽ ڪيفيت جي غلبي جي لحاظ سان ڪنهن خاص مثالي شڪل ۾ خواب ۾ ڏيکاري ٿو. گهڻا ئي ماڻهو پنهنجي نفس کي خواب ۾ پنهنجي صورت ڏسندا آهن پر انهنکي ان راز جو علم ناهي هوندو تہ هيءَ ڏيکاريل شڪل عالم مثال ۾ منهنجي ئي نفس جي حالت آهي، جيڪڏهن ان مثالي صورتن جو علم

معلوم ٿي وڃي ته انسان کي پنهنجي نفس جي سڃاڻپ آسان ٿي وڃي ٿي.
نفس اماره جي ڪجهه مثالي صورتن مان خنزير، ڪتو، هاٿي، نانگ، گڏهه، وڇون، ڪئو، جوء ۽ جهرڪي وغيره آهن. خواب ۾ صورتون نفس اماره تي دلالت ڪن ٿيون. اهڙي طرح سالڪ خواب ۾ بيت الخلاءِ اصطبل، شراب، ڀنگ، آفيم يا اُن جي مثل ڪا نشي واري شيءِ، گندو پاڻي، گپ، بينل پاڻي مثلن سينواريل پاڻي ۽ وهندڙ مٽيءَ وارو پاڻي وغيره ڏسي ته سمجهي ڇڏي ته هي اُن جي نفس اماره جون خاصيتون آهن جيڪي مٿي ذڪر ڪيل صورتن مان ڪنهن هڪ صورت ظاهر ٿي نظر اچي رهيون آهن ۽ هي منهنجي روحاني حالت ۽ نفس جي مقام جي طرف اشارو آهي.
ذڪر ڪيل مٿي مثالي صورتن جون تعبيرون.
خنزير جو ڏسڻ ڪنهن صفت حرام جي طرف اشارو آهي، جيڪا ڏسڻ واري نفس اماره ۾ خاص طور تي ڏٺي ويندي آهي. اهڙي طرح ڪتي کي ڏسڻ غصي ۽ غضب جي خاصيت جي طرف اشارو آهي، ان جي نفس جو ان تي غلبو آهي. هاٿيءَ جو ڏسڻ غرور ۽ تڪبر جي طرف اشارو آهي. نانگ منافقت جي علامت آهي. وڇون عذاب جي علامت آهي. پکي، جون ۽ پسو وغيره مڪروهن جي ارتڪاب ۽ ناوڻندڙ عادتن جو نشانيون آهن. بيت الخلاء دنيا جي محبت ۾ غرق هجڻ جي علامت آهي. جيڪڏهن خواب ۾ شراب پيئي يا چکي ته هي حرام ڪاري جي علامت آهي. جيڪڏهن فقط ڏسي ته خيالن جي حرام جي طرف رجوع هئڻ جو اشارو آهي شراب خانو فاسد خيالن جي علامت آهي. جيتوڻيڪ سالڪ جيڪڏهن اِن طرح جي ڪنهن شيءِ کي خواب ۾ ڏسي ته سمجهي وڃي ته ان جي نفس جو درجو اماره ۾ آهي ۽ ان ۾ فلاڻي صفت يا فلاڻي خاصيت جو غلبو آهي ته جيئن اُن جي ازالي جو فڪر ڪري ۽ گهربل رهنمائي حاصل ڪري.

نفس اماره رکڻ واري شخص جي دل تصوف جي اصطلاح ۾ "قلب بهيمي" حيواني دل سڏجي ٿي. اُن شخص جي طبيعت ۽ مزاج ۾ حيواني قوتن جو غلبو هوندو آهي اهڙي دل کي شيطاني وسوسن ۽ خراب خيال پنهنجي سواري بڻائي ڇڏيندا آهن. ڪنهن ٽائيم ۾ ان جي حالت هيءَ ٿي وڃي ٿي ته ٻاهرين سببن ۽ اثرن جي بغير ئي دل ۽ دماغ ۾ شيطاني وسوسا پيدا ٿيڻ لڳندا آهن. ڪڏهن اُن وسوسن جي زور ايترو وڌي وڃي ٿو جو اُهو شخص اُنهن وسوسن جي بجاءِ ڪُليل خيالن جو طور تي ذهن ۾ تسليم ڪرڻ لڳي ٿو. اُن تي ان جي راءِ قائم ٿي وڃي ٿي ۽ آخر ئم اِهي وسوسا عقيدن ۾ به شڪ پيدا ڪرڻ لڳن ٿا ۽ اُهو شخص ان رستي هلندي هلندي ذهني ۽ طبعي طور تي اُن ۾ ايترو غرق ٿي وڃي ٿو ته اُن جي طبيعت ئي سڄي نفس اماره بڻجي وڃي ٿي ۽ عدل و انصاف کان خالي ٿي وڃي ٿي.

نفس اماره کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ مؤثر ذڪر (پهريون وظيفو)

نفس اماره کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ مؤثر ذڪر "**لَاۤاِلٰہَ اِلَّااللّٰہ**" آهي. ان جوتعداد پنج 5 لک آهي، اُن ذڪر کي مطابق پوري پابندي سان گڏ پنج 5 لک مرتبا مڪمل ڪيو وڃي. اُن سان گڏ جمله فرضن ۽ واجبن جي پابندي شريعت جي حڪمن جي مڪمل ادائيگي ۽ ممڪن نفلي عبادتون، توبه و استغفار ۽ صدقه ۽ خيرات جي معمولات جاري رکيا وڃن.

ذڪر "**لَاۤاِلٰہَ اِلَّااللّٰہ**" (نفي اثبات) جي دوران نفس کي مختلف قسم جي خراب خصلتن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏنل اصولن تي محنت ڪئي وڃي.

1 ـ پهريان هِڪُ لک 100،000 ڀيرا **لَاۤاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ** جي ذڪر دوران ذهني ۽ قلبي توجه **لَامَعۡبُوۡدَاِلَّااللّٰہُ** (الله کان سواءِ ڪو به معبود ناهي)

جي مفهوم ۽ تصور تي ٻيهاريو وڃي. ذاڪر ذڪر دوران جڏهن الله کان سواءِ هر اله جي نفي ڪري رهيو هجي ته ذهن ۾ اله جي مفهوم ۽ مراد کي "معبود" جي طور تي رکي ۽ هر پيري پنهنجي دل ۽ دماغ سان "**الله**" کان سواءِ هر "معبود" جي نفي ڪري ـ باقي رهجي ويل ذڪر جو طريقو

تہ اسان ان کي تفصيل سان "**تصوف کي ابتدائي تقاضي**" جي باب ۾ بيان ڪري ڇڏيو آهي. اُن مقام جو غور سان مطالعو ڪريو.
2 ـ ٻئي لک جي دوران هر ٻيري "**لَآاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ**" جو ذڪر ڪندي ذهني ۽ قلبي توجہ "**لَا مَحْبُوْبَ اِلَّااللّٰہُ**" جي مفهوم ۽ تصور تي ٻيهارجي. ذاڪر ذڪر دوران هر دفعي الله ڪان سواءِ هر محبوب جي نفي پنهنجي دل ۽ دماغ سان ڪري ۽ هيئن الله ڪان سواءِ هر محبوب جي نفي آهستي آهستي هن جي دل ڪان هر غير جي محبت جي نفي ڪري ڇڏيندي.
3 ـ ٽئين لک جي دوران ذهني ۽ قلبي توجہ "**لَامَقْصُوْدَ اِلَّا اللّٰہُ**" جي تصور تي رکي ۽ الله ڪان سواءِ پنهنجي دل ۽ دماغ کي هر مقصود جي نفي ڪندو رهي ائين غيرازخد هر مقصود جي نفي سان غير جو هر قسم (طريقو) ۽ نيت ختم ٿيندي هلي ويندي.
4 ـ چوٿين لک جي دوران ذهني ۽ قلبي توجہ "**لَامَوْجُوْدَ اِلا اللّٰہُ**" جي تصور تي رکي ۽ الله ڪان سواءِ پنهنجي دل ۽ دماغ سان هر موجود جي نفي ڪندو رهي ائين غيرازخد هر "موجود" جي نفي ڪرڻ سان اُها شيءِ ئي جنهن جو شمار غيرالله ۾ هوندو آهي. اُن جي دل ۽ دماغ جي تختي تي محو ٿي ويندي آهي.
5 ـ پنجين لک جي دوران ذهني ۽ قلبي توجہ "**لَا مَطْلُوْبَ اِلا اللّٰہُ**" جي تصور تي رکي ۽ الله ڪان سوا پنهنجي دل ۽ دماغ مان هر مطلوب جي نفي ڪندو رهي. ائين غير ازخد هر "مطلوب" جي نفي سان ان جي دل ۽ دماغ غير جي هر طلب ۽ خواهش ڪان پاڪ ٿيندي ويندي

اهڙي طرح توحيد جو جوهر خوب چمڪندو ۽ ان جي نور سان تزڪيہ نفس ٿيڻ لڳندي. انهن توجهن جي پختگي ۽ انهن نورن ۽ برڪتن جي حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن ڪلمن جو ذڪر بہ ڪيو وڃي ۽ ان جي تسبيح بہ ڪئي وڃي. اهڙي طرح نفس اماره جي دائري ڪان نجات حاصل ڪري ٻئي درجي جي طرف منتقل ٿئي ٿو.

عدد ذڪر بصورت خلوت (اڪيلائي)

جيڪڏهن نفس اماره ۽ ان جي صفات کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ سالڪ عام معمول زندگي کي ڇڏي ڪري تنهائي اختيار ڪرڻ چاهي تنهائي جي صورت ۾ ان جو تعداد فقط ستر هزار 70،000 آهي ۽ ذڪر جواسم فقط "لَاالٰہ اِلا اللّٰہُ" رهندو.

نفس اماره جو جدول (چارٽ)

نفس جي اسمن ۽ صفتن جي حوالي سان صوفين ان جي مقامن جو چارٽ بہ بنايو آهي. ان ۾ ڪجهہ ضروري حڪم پيش ڪيل آهن. هي صرف خاص جي استعمال جي لاءِ آهي عام ماڻهوءَ جي سمجهہ جي ڳالهہ نہ آهي.

اُن جو سير .... الي الله آهي.

اُن جو عالم .... شهادت (ناسوت) آهي.

اُن جو محل .... سينو آهي.

اُن جو حال .... ميل (رغبت) آهي.

اُن جو ورد .... ظاهرشريعت آهي.

۽ اُن جو نور .... نيري رنگ جو آهي.

2 ـ نفس لوامہ

هي ٻيو نمبر نفس آهي. انسان جڏهن نفس اماره جي دائري کان نڪري اچي ٿو تہ "لوامہ" جي مقام تي فائز ٿئي ٿو. ان مقام تي دل ۾ نور پيدا ٿي ويندو آهي. جيڪو باطني طور تي هدايت جو باعث بڻجي ٿو. جڏهن نفس لوامہ جو حامل انسان ڪنهن گناهہ يا ذيادتي جو ڪم ڪري ويهي ٿو تہ ان جو نفس ان کي يڪدم سخت ملامت ڪرڻ لڳي ٿو. انڪري انکي لوامہ (سخت ملامت ڪرڻ وارو) چون ٿا. هي نفس سنو آهي. هي نہ صرف نيڪي ۽ بدي ۾ تميز ڪري ٿوبلڪ پنهنجي داخلي نور جي باعث بديءَ سان نفرت پيدا ڪري ٿو.

باري تعالٰي قرآن مجيد ۾ نفس لوامہ جو قسم کنيو آهي.

لَا اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيَامَةِ ہ وَلَا اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ (قيامت 75ـ آيت 1ـ2)

مان قيامت جي ڏينهن جو قسم کڻان ٿو ۽ مان نفس لوامہ جو قسم کڻان ٿو

هي نفس صالحن کي نصيب ٿئي ٿو. عالم ۽ عامل بہ نفس لوامہ مان فيضياب ٿين ٿا. هينين آيت ڪريمہ ۾ بہ نفس لوامہ جي طرف اشارو آهي.

وَأَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ه فَإِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَأْوٰى ه (النّٰزعٰت 79۔ آيت 40۔41)

بس جيڪو شخص پنهنجي رب جي حضور ۾ بيهڻ کان ڊنو ۽ ان نفس کي بُري خواهش کان روڪي رکيو تہ ان جي جاءِ يقينن جنت ئي آهي.

اهڙيءَ طرح قرآن مجيد ۾ حضرت يوسف عليہ السلام جي قصي ۾ فرمان الاهي توجہ طلب آهي.

حضرت يوسف عليہ السلام فرمايو.

وَمَا أُبَرِّىءُ نَفْسِي إِنَّ النَّفْسَ لَأَمَّارَةٌ بِالسُّوءِ إِلاَّ مَا رَحِمَ رَبِّيْ ه (يوسف 12۔ آيت 53)

۽ مان پنهنجي نفس جي صفائي نہ ٿو ڏيان. بيشڪ نفس تہ براين جي طرف وٺي وڃڻ وارو هوندو آهي. سواءِ ان (نفس) جي جنهن تي منهنجي رب رحم فرمائي ڇڏيو تہ اهو براين کان بچي ويندو.

نفس جو براين کان بچي وڃڻ دراصل اُن جو اماري نفس کان نجات حاصل ڪرڻ آهي.

نفس لوامہ جون صفتون :

نفس لوامہ جي صفتن ۾ حلال جي طرف ڇڪ ماڻهن لاءِ نفع بخش ۔ ٻين جو بار کڻڻ، گهٽي ڳالهائڻ کان پرهيز ۽ سهڻا اخلاق شامل آهن. اُن سان گڏ هي بہ معلوم ٿيڻ گهرجي تہ ان درجي ۾ بلند هئڻ جي باوجود نفس لوامہ ۾ ڪجهہ خراب عادتون ۽ ناپسنديده صفتون موجود رهن ٿيون انڪري اُن جي تزڪيو بہ نهايت ضروري آهي جيتوڻيڪ ان جي صفتن ۾ مڪر ۽ فريب، هوا ۽ هوس، پاڻ پائڻ سمجهڻ، تڪبر، اعتراض، قهر ۽ جبر ۽ نفساني خواهشون بہ شامل آهن.

خواب ۾ نفس لوامہ جون مثالي صورتون :

خواب ۾ نفس لوامہ جون ڪجھ مثالي شڪلين صورتن ۾ رڍ، ٻڪري، ڳئون، اُٺ، مڇي، ڪبوتر، بدڪ، ڪڪڙ، وڻ، ڪجي، پڪل ڪاڏو، فروٽ ۽ ميوا، سڙيل ڪپڙو، بغيرزرين جي گھوڙو، وسايل ڏيئو، روشني واري بتي يا باھ، پڪل ماني، دوڪان، عمارتون يا محلات، ماڪي، ڪمند يا شربت وغيره شامل آهن. ان منجھان ڪا بہ شڪل ڏسجي تہ ان جو دليل نفس لوامہ ۾ هوندو.

ذڪر ڪيل مثالي صورتن جو تعبير

رڍ، ٻڪري حلال جانور آهن. انھن جو اشارو حلال جي رغبت جي طرف آهي. ڳئون جي صفت ڪم ڪرڻ آهي جنھن سان ماڻھن کي نفعي پھچي ٿو. اُٺ جي صفت بار کڻڻ ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ آهي. ٻين جي لاءِ هن عمل جي حالت ايمان تي دلالت ڪري ٿي. مڇي، بدڪ، ڪڪڙ، ڪبوتر ۽ ٻيا پاڪيزه جانور بہ حلال جي رغبت جي طرف اشارو ڪن ٿا. کھجور ۽ ماکي پسنديده اخلاق تي دلالت ڪن ٿا. پڪل رڌل کاڌا نفس جي خواهش جو اشارو ڪن ٿا. فروٽ ۽ ميوا بي معنٰي ۽ اجايو ڳالهائڻ کان نجات حاصل ڪرڻ جو اشارو ڪن ٿا. مڪان ۽ عمارتون نفس جي عيش طلبڻ تي دلالت ڪن ٿا. جيتوڻيڪ مختلف شين جانورن ۽ پکين جي اندر جيڪي ذاتي خاصيتون ڏنيون وجن ٿيون. اُهي نفس جي حالت ۽ خاصيت جي طرف اشارو ڪن ٿيون. تہ جيئن انھن جي ذريعي نفس کي سڃڻ ۽ خراب احوالن جو علم ٿي وڃي. ۽ اُهو اُن علم جي مطابق پنھنجي اصلاح ۽ ترقي جي طرف اڳتي قدم کڻي سگھي.

نفس لوامہ رکڻ واري شخص جي دل تصوف جي اصطلاح ۾ ”قلب انساني“ چورائي ٿو. نفس جو مثال هڪ سرڪش گھوڙي جھڙو آهي. هي بنيادي طور تي پليد تہ نہ آهي مگر سرڪش آهي. ان کي لغام جي ذريعي قابوءَ ۾ رکڻ جي ضرورت پوي ٿي. يعني گھوڙي کي لغام ڏنل هوندو تہ سوار جي مرضي آ جاڏي وني وجي. جيڪڏھن لغام نہ هوندو تہ گھوڙي جي مرضي آ جاڏي کڻي اجلائي.

قلب انساني ڪيئن وجود ۾ اچي ٿو؟

انڪي سولائيءَ سان هيئن سمجهو ته جنهن شخص ۾ ملڪوتي قوتون ۽ بهيمي قوتون يعني فرشن جهڙيون پاڪيزه ۽ نوراني خوبيون ۽ صلاحيتون ۽ حيوانن جهڙيون خراب خوبيون ۽ رغبتون ٻئي پاڻ ۾ ملي وڃن ۽ ان ۾ اهڙي يڪجهتي پيدا ٿي وڃي ته ان شخص جي طبيعت ۾ اعتدال اچي ويندو. انڪي ڪنهن جي لاءِ محبت ۽ چاهت يا ان جي رضامندي ۽ ناراضگي هي سڀ حالتون حق ۽ صداقت تي مشتمل ٿي وڃن ٿيون. نه ته ان جو باطن مڪمل طور تي نور ۾ بدلجي وڃي ٿو ۽ نه خالص ظلمات ۽ تاريڪيون برقرار رهن ٿيون. بلڪ اُهي ٻنهي جي درمياني (وچ واري) منزل تي قائم ٿي وڃي ٿو. اُهو دوزخ کان ڊڄي ٿو ۽ جنت جي آرزو ڪري ٿو ۽ پنهنجا عمل ان خوب ۽ طلب جي مطابق گذاري ٿو. اهڙي شخص جي دل قلب انساني ۽ نفس، نفس لوامه چورائي ٿو.

نفس لوامه کان اڳتي ترقي ڪرڻ لاءِ مؤثر ذڪر (ٻيو وظيفو)

نفس لوامه کان ڇوٽڪارو (نجات) حاصل ڪرڻ ۽ اڳتي ترقي ڪرڻ لاءِ مؤثر ذڪر جو اسم "**الله**" (اسم ذات) آهي. ياالله جي طريقي تي ذڪر ڪرڻ ذياده مفيد آهي. انجو تعداد به پنج لک 500،000 آهي ۽ انڪي به ساڳئي طريقي سان مڪمل ڪيو وڃي ۽ ٻيا شرط ۽ شرعي پابندين جو لحاظ ڪرڻ گهرجي ته سالڪ اُن نفس لوامه کان نجات حاصل ڪري اڳتي دائري جي طرف منتقل ٿي وڃي ٿو. اُن ذڪر جي دوران ٻن توجهات جو ذڪر خاصو مفيد ثابت ٿيندو.

1 ـ يا نور ياالله 2 ـ يا هادي ياالله

اسم ذات "الله" اصل اسم آهي جنهن جو ورد ڪرڻ مقصود آهي. اُن ۾ توجه جي فروغ لاءِ ذڪر ڪيل اسمن جي تسبيح ڪئي وڃي. اُن جي نور کي حاصل ڪرڻ جي مراد ۾ نهايت مفيد ٿيندا.

عدد ذڪر بصورت خلوت اڪيلائي

جيڪڏهن سالڪ ان رياضت ذڪر جي لاءِ (خلوت) اڪيلائي اختيار ڪرڻ چاهي ته بصورت خلوت اڪيلائي ذڪر "الله" جو مطلوب عدد فقط سٺ هزار 60،000 ٿيندو ۽

نفس لوامه جو جدول چارٽ

اُن جو سير .... لله آهي

اُن جو عالم .... برزخ آهي

اُن جو محل .... دل آهي

اُن جو حال .... محبت آهي

اُن جو ورد .... باطن شريعت آهي

۽ اُن جو نور .... زرد رنگ جو آهي

3 . نفس ملهمه

هي ٽيون نمبر نفس آهي، جڏهن انسان نفس لوامه جي دائري کان نڪري اچي ٿو ته "ملهمه" جي مقام تي فائز هوندو آهي هي دل ۾ نيڪي ۽ اطاعت جي خيال وجهندو يعني الهام ڪري ٿو. اُن نيڪ الهام جي عمل جي باعث اُن کي ملهمه چون ٿا. جهڙيءَ طرح نفس لوامه پنهنجي داخلي نور جي باعث بدي کان نفرت پيدا ڪري ٿو، اهڙي طرح نفس ملهمه پنهنجي داخلي نور جي فيض سان دل ۽ طبيعت ۾ نيڪي ۽ تقويٰ جي رغبت پيدا ڪري ٿو ۽ نيڪ خيالن کي سنن خوابن جي صورت ۾ ظاهر به ڪري ٿو. اُن سان نيڪيءَ جي طرف طبيعت جي ميلان ۽ شوق ۾ وڌيڪ اضافو ٿئي ٿو.

طبيعت نيڪي سان اهڙيءَ طرح مانوس ٿي وڃي ٿي ته نيڪي ترڪ ڪرڻ سان اُن ۾ مايوسي ۽ غم جي ڪيفيت پيدا ٿي وڃي ٿي، جنهن جو ازالو پوءِ صالح عملن جي ذريعي ٿئي ٿو.

نفس ملهمه جون صفتون

نفس ملهمه جي ظاهري صفتن مان قناعت، سخاوت، علم، تواضع، انڪساري، توبهه، صبر، تحمل و برداشت ۽ خلوص آهن. جيتوڻيڪ ان

مقام تي نفس جي صفتن ۾ فضائل اخلاق ۽ خصائل حسنہ نمايان ٿي وڃن ٿا.

خواب ۾ نفس ملهمہ جون ڪجهہ مثالي صورتون

خواب ۾ ڪنهن ڪافر، ملحد، بي دين، فاسق ۽ فاجر، ڪنهن بد عقيده شخص کي ڏسڻ نفس ملهمہ تي دلالت ڪري ٿو. اهڙي طرح ڏاڙهي ڪوڙ، منڊو، ٻوڙو، گونگو، مست ۽ مدهوش، معذور، غلام يا آزاد شده غلام کي ڏسڻ بہ نفس ملهمہ جي مثالي شڪلين مان آهي. سپاهي، جاسوس، جُوائي باز، پهلوان، مشڪرو، چوڪيدار يا عورتن کي ڏسڻ بہ انهيءَ طريقي سان آهي. قصا ٻڌائيندڙ، قصاب، دلال، چور، ڀهانہ ٻُولهيندڙ ٻينگهيو، انڌو، دق جو مريض يا پولڙو وغيره هي سڀ شڪليون بہ نفس ملهمہ جي دائري تي دلالت ڪن ٿيون.

نفس ملهمہ جي ذڪر ڪيل مثالي صورتن جون تعبيرون

خواب ۾ڪافر، ملحد ۽ بي دين کي ڏسڻ دين ۾ نقصان جي علامت آهي. ڪنهن بدعقيدي شخص کي ڏسڻ عقيدي ۽ مذهب ۾ خرابيءَ جو دليل آهي. ڏاڙهي ڪوڙ شخص کي ڏسڻ شريعت ۾ عمل ۾ نقصان ۽ ڪمزوري جي علامت آهي. منڊي شخص کي ڏسڻ اِن ڳالهہ تي دلالت ڪري ٿو تہ ڏسڻ وارو ماڻهن کي الله جي طرف سڏي ٿو پر پاڻ خود الله جي فرمانبرداري نہ ٿو ڪري. بي ريش کي ڏسڻ الله سائينءَ جي حڪمن تي عمل نہ ڪرڻ جو اشارو آهي. انڌي کي ڏسڻ حق ۽ سچ کي لڪائڻ ۽ ٻوڙي کي ڏسڻ حق ۽ شريعت جي ڳالهہ نہ ٻڌڻ ۽ اُن ڳالهہ ۾ ڪَن نہ ڏيڻ جي طرف اشارو آهي. گونگي کي ڏسڻ سچي ڳالهہ نہ چوڻ تي دلالت ڪري ٿو. غلام کي ڏسڻ اِن ڳالهہ تي دلالت ڪري ٿو تہ اُهو جنهن جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو عيب ۽ برائي جي ڪري ٿو يعني اُهو ماڻهن جي سنائيءَ کي بيان نہ ٿو ڪري. جاسوس کي ڏسڻ سنت ترڪ ٿيڻ جي علامت آهي. مست ۽ مدهوش کي ڏسڻ عشق مجازي تي دلالت ڪري ٿو. جوائي باز، پهلوان، مشڪري ۽ قصا ٻڌائيندڙ کي ڏسڻ عبادت ترڪ ۽ حرام ڪاري جي طرف اشارو آهي. چور کي ڏسڻ عبادت ۾ رياڪاري جي علامت آهي.

دلال کي ڏسڻ دوزخ گوئي ۽ بري نظر جي علامت آهي. قصاب کي ڏسڻ دل جي سياهي (ڪاراڻ) تي دلالت ڪري ٿو. انڌي ۽ پينگئي کي ڏسڻ خود اُن جي پنهنجي گمراهي جي طرف اشارو آهي.

هڪ اهم وضاحت طلب نُڪتو

هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته هر نفس جي حامل جا گناهه ۽ خرابيون اُن جي مقام ۽ مرتبي جي مناسبت هونديون آهن. بزرگانِ دين فرمايو آهي "**حسنات الابرارسيئات المقربين**" نيڪ شخصن جون نيڪيون مقرب ٻانهن جا گناهه هوندا آهن. يعني ماڻهو جن کي بارگاهه الاهيءَ ۾ درجي مقربيت سان نوازيو ويو هجي، جيڪڏهن اهي به اُن ئي نيڪين ۽ اعمالن تي بيهن ۽ قناعت ڪري ويهن، جيڪي عام نيڪ ماڻهن جون نيڪيون هونديون آهن جن کي اُن هيٺين درجي جا ماڻهو انجام ڏين ٿا ته هي نيڪيون به اُن جي مقام ۽ مرتبي جي تقاضي جي لحاظ کان اُنهن جي حق ۾ گناهه تصور ٿينديون.

اهڙي طرح جيڪڏهن اُن جي نفس ۾ جيڪي ته "نفس لوامه" کان به هڪ درجو وڌيڪ آهي. معمولي ذرو (رذائل) به رهجي ويندا ته اُهي عالم مثال ۾ وڏن گناهن ۽ وڏين خرابين جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندا جيئن ننڍو ذرو آتشي شيشيءَ ۾ وڏو ٿي نظر اچي ٿو يا هڪ معمولي ڪو ڪارو داغ سفيد ۽ صاف چادر تي گهڻو نمايان نظر اچي ٿو، جڏهن ته اهو ڪارو داغ ڪاري رنگ جي چادر تي ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. مٿي ذڪر ڪيل بيان ۾ نفس ملهمه جي صفتن ۽ خواب ۾ اُن جون مثالي صورتن جي درميان جيڪا نسبت آهي اُن کي انهن مثالن جي ذريعي آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. جيئن جيئن نفس پنهنجي تزڪيه جي ذريعي پاڪ و صاف ٿي وڃي ٿو اُن ۾ ذرڙي (رذائل) جو معمولي ڪو ذرو ۽ برائيءَ جو خفيف ننڍڙو ڪو نُڪتو به ذياده واضع ٿي نظر اچي ٿو ان لاءِ اهل حق وارن جو رتبو جيترو وڌندو وڃي ٿو اُهو ايتري قدر باطن جي صفائي تي وڌيڪ توجهه ڪن ٿا.

نفس ملهمه کان اڳتي ترقي ڪرڻ لاءِ مؤثر ذڪر (ٽيون وظيفو)

نفس ملهمہ کان نجات (ڇوٽڪارو) حاصل ڪري ايندڙ دائري ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مؤثر ذڪر جو اسم "هو" آهي ان جو عدد بہ پنج لک 500،000 آهي. اُن ڪي ذڪر ڪيل طريقي سان مطابق اجازت مڪمل ڪيو وڃي. اُن دوران ٻين شرطن جي پاسداري سان گڏ خاص دنياوي تعلقات ۾ محو هئڻ سان ممڪن حد تائين گهٽ ڪيو وڃي ۽ عبادت ۽ رياضت جي ڪثرت ڪئي وڃي. اُن جي تفصيل وقت اچڻ تي پنهنجي مرشد يا مربي کان معلوم ڪري سگهجي ٿو.

هِن ورد ڪي "**يَاهُوَ اَنتَ هُوَ**" جي توجہ سان پڙهڻ زياده مفيد آهي بهتر آهي تسبيح انهن ڪلمن سان گڏ مڪمل ڪئي وڃي.

ان کان علاوه "**يَامَنُ لَااِلٰہَ اِلَّا هُوَ**" جي تسبيح بہ گڏوگڏ ڪئي وڃي. اُن سان وڏيڪ ترقي (فروغ) نصيب ٿيندي.

عدد ذڪر بصورت خلوت اڪيلائي

جيڪڏهن سالڪ هِن رياضت ذڪر جي لاءِ "خلوت" اختيار ڪري تہ خلوت جي صورت ۾ مطلوب عدد ذڪر فقط پنجاهہ هزار 50،000 آهي.

نفس ملهمہ جو جدول چارٽ

اُن جو سير .... علي الله آهي

اُن جو عالم .... ارواح آهي

اُن جو محل .... روح آهي

اُن جو حال .... عشق آهي

اُن جو وارد .... سر شريعت آهي

۽ اُن جو نور .... سرخ ڳاڙهي رنگ جو آهي

4 . نفس مطمئنہ

هي چوٿون نفس آهي جيڪي بُرين خصلتن کان بلڪل پاڪ ۽ صاف ٿي وڃي ٿو. نيڪ ۽ پاڪ خصلتن سان متصف ٿي وڃي ٿو ۽ بارگاهہ الاهيءَ سان پنهنجا رابطا ۽ تعلق قائم ڪري حالت اطمينان تي فائز ٿي وڃي ٿو. انهي ڪري اُن ڪي "نفس مطمئن" چيو ويو آهي. قرآن مجيد ۾ باري تعالٰي ان نفس مطمئن ڪي هيئن خطاب فرمايو آهي.

يَا أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ٥ ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ ٥ (**فجر 89. آيت 27. 28**)
اي نفس مطمئنہ پنهنجي رب جي طرف واپس اچ.
”نفس مطمئن“ اولياءالله وارن جو نفس آهي ۽ هي ولايت صغريٰ جو مقام آهي. اُن جي تحقق سان ”فنافي الرسول“ جو مقام نصيب ٿئي ٿو. اُن جي حقيقت هِن طرح آهي تہ جڏهن ڪنهن شخص ۾ عطاءالاهي سان خلقي و وهبي طور تي يا رياضت ۽ مجاهدن سان ڪسي تي ملڪوتي قوت جو زور ٿي وڃي ٿو ۽ اُن جي مقابلي ۾ بهيمي قوت بالڪل هيڻان ٿي وڃي ٿي اهڙي طرح اُن جو ڪٿي وجود بہ نہ هيو تڏهن اُن شخص جو قلب ”روح“ جي درجي ۾ هليو وڃي ٿو ۽ نفس ”قلب“ جي مقام تي فائز ٿي وڃي ٿو ۽ قلب جي خاصيت هي آهي تہ اُهو ذڪر الاهيءَ سان اطمينان حاصل ڪري ٿو. جيئن تہ ارشاد رباني آهي.
أَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوبُ (**الرعد** 13 . **آيت** 28)
سمجهي وڃو تہ الله جي ذڪر سان ئي قلب (دليون) اطمينان حاصل ڪن ٿيون.
نفس جڏهن ”قلب“ جي مقام تي اچي ٿو تہ قلب پهريان ذاڪر يعني ياد الاهيءَ ۾ مشغول ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ اُهو ”اماره“ جي دائري کان نڪري ”لوامہ“ ۽ ملهمہ جي مقامن کان بہ ترقي ڪري چڪو آهي تہ جيئن جيئن قلب ياد الاهي سان سيراب ٿئي ٿو تہ ان جو تمام تر اطمينان ”نفس“ جي مستقل حالت بڻجندو هليو وڃي ٿو. اِهوئي سبب آهي تہ اُهو نفس بہ ”قلب“ ۾ بدلجي ”نفس مطمئن“ ٿي وڃي ٿو ۽ جيسيتائين قلب جو تعلق آهي اهو اسان بيان ڪري چڪا آهيون تہ اُن کي ”مقام روح“ ملي وڃي ٿو.
قلب جي روح بڻجڻ سان اُن کي نفس جي پاڪائيءَ لاءِ غير معمولي مجاهد ۽ رياضتن جي حاجت نہ ٿي رهي اُهو معمول جي اطاعتن ۽ عبادتن سان بہ پنهنجي تزڪيہ ۽ مقام بحال ۽ برقرار رکي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ اهو ايندڙ درجن جي لاءِ رياضتون جاري رکي ٿو.

روح جيئن تہ "امرالاهيءَ مان آهي" (قُلِ الرُّوۡحُ مِنۡ اَمۡرِرَبِّيۡ) اِن لاءِ قلب روح بڻجي هر وقت امرالاهيءَ جي تابع ۽ ان سان فيضياب ٿيندو رهي ٿو. هاڻي اُن کي "قبض" جي بغير ئي بسط جي ڪيفيت مُيسراچي وڃي ٿي اهو قلق و اضطراب جي بغير ئي الفت ۽ محبت جي چشمن سان سيراب ٿيندو رهي ٿو ۽ بيهوش ٿيڻ کان بغير حالت "وجد" سان سيراب ٿئي ٿو. جڏهن اُن جو قلب ترقي ڪري "مقام روح" تي اچي وڃي ٿو تہ اُن جو روح ترقي ڪري مقام "سر" تي فائز ٿئي ٿو.

سمجهاڻي هيءَ ملي تہ نفس قلب بنجي وڃي ٿو. قلب روح بڻجي وڃي ٿو ۽ روح سر ۾ بدلجي وڃي ٿو. اُن جي ڪري ان تي عالم غيب جو علم ۽ معارف ۽ اسرار جو دروازو کُلي وڃي ٿو. اُن کي مروج اور متداول طريقن کان هٽي (پاسي ٿي) ڪري علم ۽ معارف اسرار ۽ رموز ۽ حقن ۽ لطيفن جو ادراڪ ۽ حصول هئڻ لڳي ٿو. هي ڪتابن جي مدد سان، نہ ظاهري فهم ۽ فراست ۽ تعلق ۽ تدبير جي طريقي سان، نہ ڪشف جي طور تي ۽ نہ هاتف غيبي آواز سان بلڪ ان جو روح ازخود مقام سر سان اسرار ۽ معارف کي ان جي دل ۾ (جو روح جي درجي تي فائز ٿي ويو آهي) منتقل ڪندو رهي ٿو. هي انوار ۽ اسرار جو هڪ غير مرئي ۽ غير محسوس دروازو آهي، جنهن جي کُلي وڃڻ سان اهو شخص "علم لدني" جو حاصل ٿي وڃي ٿو. ان جي دل ۾جيڪي خيال اُٿن ٿا اُهي بہ عين "صراط المستقيم" جي مطابق ٿين ٿا. اعمال خودبخود صالح ٿين ٿا. ڪلمہ مبارڪ ٿين ٿا ۽ دعوتون مستجاب ٿين ٿيون. هيءَ ئي ولايت صغريٰ آهي. صرف هتي خوارق جي صورت ۾ ڪرامتن جو ظهور نہ ٿو ٿئي پر اهو شخص ڪرامت جي صاحب ٿئي ٿو.

ولايت صغريٰ کان اڳتي ٻن رستن جو انفتاح

اُن مقام ولايت جي فائز هئڻ وارو سالڪ جڏهن ترقي ڪري ٿو تہ اُن تي اڳتي بہ رستا کُلن ٿا. ڪنهن کي هڪ رستي سان فيض ملي ٿو ڪنهن کي ٻئي رستي مان فيض مِلي ٿو ۽ ڪنهن کي ٻنهي رستن جا فيض بہ گڏ وڃن ٿا.

1. ولايت ڪُبريٰ جي راهه
2. مفهميت (وراثت نبوت) جي راهه

ولايت ڪبريٰ جي راهه آخر ۾ قطبن غوثن جي مدراج جي طرف وڃي ٿي ۽ مفهميت جي راهه جنهن کي نبوت جي وراثت به چون ٿا هي تجديد ۽ احياء جي راهه آهي ان مقام جا حامل مجدد سڏرائن ٿا. هي حضورﷺ جا نائب ۽ وارث هوندا آهن.

نفس مطمئن تي فائز شخص جو ميلان ولايت صغريٰ جي حالت ۾ ئي ذڪر ڪيل ٻن رستن مان ڪنهن هڪ رستي جي طرف ظاهر ٿي وڃي ٿو. جنهن کي ولايت ڪبريٰ جي راهه مان فيض ملي ٿو ان جا روحاني فروغ مان ڪرامتون ۽ حوارق جو صدور ٿيڻ لڳي ٿو ۽ جنهن کي وراثت نبوت (مفهميت) جي راهه مان فيض ملي ٿو ان سان مخلوق ۾ ارشاد ۽ هدايت جو صدور ٿيڻ لڳي ٿو. اُن جي ذريعي ماڻهن ۾ ڦهليل برائين جو سد باب شروع ٿي وڃي ٿو. ان جي مساعي سان علم جي اشاعت . ماڻهن جي اصلاح احوال ۽ دين جو تجديد ٿيڻ لڳي ٿو. هي مجدديت جون علامتون ۽ شروعات آهن. اُن نشانين سان ٻنهي رستن جو يقين ٿئي ٿو. مجدد جو نائب رسول ٿيڻ جي حقيقت هيءَ آهي تہ معاشري جا حالات ديني ۽ اخلاقي اعتبار سان ايترا تہ بگڙي ويندا هئا جن حالتن ۾ پهرئين زمانن ۾ نبي ۽ رسول مبعوث ڪيا ويندا هئا. امت محمديہ ۾ بہ جڏهن اهڙيون حالتون پيدا ٿي وڃن ٿيون تہ اُهي نئين بعثت جو تقاضو ڪن ٿيون مگر حضور ﷺ جن جي ختم نبوت ۽ ختم رسالت جي باعث قيامت تائين نئين بعثت قطعي ناممڪن ڪئي وئي آهي. تنهنڪري هاڻي ڪڏهن بہ ڪوئي نئون نبي يا رسول مبعوث نہ ٿو ٿي سگهي. انڪري حضور ﷺ جن جي نائبن جي طور تي مختلف زمانن ۾ مجددين کي انهن ئي حالتن ۾ پيدا ڪيو وڃي ٿو ۽ اهي ئي ڪم انجام ڏين ٿا جيڪي اڳين زمانن ۾ ساڳيو انبياءَ سڳورا ڏيندا هئا. ان لاءِ انهن کي انبيائن جو وارث فرمايو . جيئن تہ ارشاد نبوي آهي.

اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ

۽ ٻئي مقام تي ارشاد آهي تہ

عُلَمَاءُ اُمَّتِيٓ كأَنۡبِيَاءِ بَنِي اِسۡرَائِيۡل

۽ اُن ڪري بہ انھن کي تجدد جي لاءِ جيڪو تہ بعثت جو بدل بڻايو ويو آھي. سڄو فيض نورِرسالت محمدي ﷺ کان مليل ٿو.

نفس مطمئن اُن جي مقام ولايت ۽ اُن تي ڪُلڻ وارن رستن جي حوالي سان ان قدر بيان مقصد کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي اُنھن کي ٻن رستن کي شاھ ولي الله محدث دهلوي ؒ ھيئن بہ بيان فرمايو آھي.

1 **. طريق نبوت**

2 **. طريق ولايت**

ٻنهي طريقن ۾ فرق ڪندي شاھ ولي الله فرمائن ٿا تہ

1 . طريق نبوت ڪلر فضيلت جو حامل آهي. جڏھن تہ طريق ولايت جزوي فضيلت جو حامل آهي.

طريق ولايت جو منتهيٰ ۽ نقطئہ ڪمال قطبن ۽ غوثن جا مقام آهن ۽ طريق نبوت جي منتهيٰ ۽ نقطئہ عروج مفهميت ۽ مجدديت جا مقام آهن. مجدديت ۽ مفهميت جو مقام ولايت جي هر مقام کان انڪري بلند آهي تہ مجدد نہ صرف هر وقت خالق جي طرف متوجہ رهي ٿو بلڪ اُن تعلق کي تمام ۽ ڪمال قائم رکندي خالق جي فيضانِ سنت مصطفيٰ ﷺ جي پيروي ۾ خلق خدا تائين پهچائيندو رهي ٿو. ان لاءِ اهو مرد حق جيڪو پنهنجي ڪمال جي منزل طريق نبوت سان حاصل ڪري ٿو ان جو مقام گهڻو بلند آهي ان شخص کان جيڪو ڪمال کي طريق ولايت سان حاصل ڪري ٿو. ان لاءِ سنت نبوي ﷺ جن جي پيروي جو آغاز سفر سان انجام سفي تائين هر قدم هر حال هر ڪيفيت ۽ هر سطح تي مرد ڪامل جي دستگيري ڪري ٿي ۽ راھ ڪمال کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ لاءِ نور جي مينار جي حيثيت رکي ٿي. ان بحث جي دوران شاھ ولي الله شيخن جي فضيلت کي عجيب علمي مسئلي کي بہ حل فرمائي ڇڏيو آهي.

فرمائن ٿا تہ توهان کي معلوم آهي تہ حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ کي حضرت علي کرم الله وجهہ تي جو فضيلت حاصل آهي باوجود پهريون حضرت علي هن امت ۾ سڀ کان پهريان صوفي، مجذوب ۽ اول عارف آهن ۽ هي ڪمالات ٻين صحابہ ڪرام ۾ نہ آهن. مگر صرف نبي ڪريم ﷺ جي طفيل ۾ قلت ۽ ڪمي سان گڏ موجود آهن. غرض تہ هي مسئلو نبي ڪريم ﷺ جن جي حضور ۾ عرض ڪيو تہ هي شيءِ مون تي ظاهر هئي تہ فضل ڪُلي نبي ڪريم ﷺ جي ويجهو اُهو آهي جيڪو تمام امر نبوت جي طرف راجع هجي جيئن تہ اشاعت علم ۽ دين جي لاءِ ماڻهن جي تسخير ۽ جيڪي شيون اُن جي مناسبت سان هجن ۽ رهيو اهو فضل جيڪو ولايت جي طرف راجع هجي جيئن تہ جذب ۽ فنا تہ هي هڪ جزوي آهي ۽ اُن ۾ هڪ وجہ سا ضعف آهي ۽ شيخين رضي الله عنها اول قسم سان گڏ مخصوص هئا جيتوڻيڪ مان انهن کي فواره جي طريقي تي ڏسان ٿو تہ انهن مان نڪري رهيو آهي تہ جيڪو عنايتون الله تعالى جون نبي ڪريم ﷺ تي هيون اُهي بعينہ ساڳيون حضرت ولين تي ظاهر ٿيون تہ توهان ٻنهي حضرات ڪمالات جي اعتبار سان اهڙي عرض جي مرتبي ۾ آهن جيڪي جوهر سان گڏ قائم آهن ۽ ان جي تحقق کي پورو ڪرڻ وارا آهن لِهٰذا حضرت علي ڪرم الله وجهہ جيتوڻيڪ پاڻ وڌيڪ قريب آهن. نسبت و حيات ۽ فطرت محبوبہ ۾ حضرات ولين سان ۽ جذب ۾ وڌيڪ قوي ۽ معرفت ۾ وڌيڪ زائد آهن، مگر نبي اڪرم ﷺ بااعتبار ڪمال نبوت حضرات ولين جي طرف وڌيڪ زياده مائل آهن ۽ ان طريقي تي جيڪي علماء معارف نبوت کان باخبر آهن. ولي کي فضيلت ڏين ٿا ۽ جيڪي علماءَ معارف ولايت کان آگاهہ آهن اهي حضرت علي ڪرم الله کي فضيلت ڏين ٿا ۽ ان طريقي تي حضرت ولين جو مدفن بعينہ نبي اڪرم ﷺ جو مدفن آهي. (فيوض الحرمين ـ مشهد : 22)

اهائي وجہ آهي تہ سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنہ ۽ سيدنا عمر فاروق رضي الله عنہ کان باوجود انوار ولايت جا ٻہ حامل هجڻ سان گڏ دين جي

اشاعت جو گهٽو ڪم ورتو ويو آهي ۽ سيدنا علي المرتضيٰ وجهہ الڪريم ڪان باوجود انوار نبوت جي حامل هئڻ جي امت ۾ ولايت ۽ روحانيت جي فروغ جو ڪم گهٽو ورتو ويو آهي جيتوڻيڪ ٻيا طريقن جا سلسلا بہ حضرت علي ڪرم الله الڪريم ڪان شروع ٿين ٿا.

نفس مطمئنہ جون صفتون

اُن جي صفتن ۾ عفو ۽ درگذر، بخشش ۽ عطا، توڪل، حلم ۽ بردباري، عبادت گذاري، شڪر ۽ رضا خاص طور تي نمايان حيثيت رکن ٿيون.

خوابن جون مثالي صورتون

نفس مطمئنہ جي لاءِ خواب ۾ هي مثالي صورتون قابل ذڪر آهن قرآن مجيد جي تلاوت. نبي الله جي زيارت يا ڪعبة الله، مسجد نبوي، مدينہ طيبہ، يا بيت المقدس جي زيارت يا ڪنهن بادشاهہ، قاضي، عالم يا مشائخ ۽بزرگن جي زيارت، ڪنهن جامع مسجد، مدرسہ، صالح ماڻهن جو مڪان يا قيام گاهہ جي زيارت يا اهڙي طرح ٻين مبارڪ مقامات جي زيارت وڏيڪ جي لاءِ تير، ڪمان، تلوار، خنجر، بندوق وغيره يا ڪتاب وغيره پنهنجي نفس جو احوال دريافت ڪرڻ، انهن شين مان ڪجهہ ڏسو تہ هي "نفس مطمئنہ" تي دلالت ڪن ٿا.

هڪ اهم نُڪتي جي وضاحت

هيءَ ڳالهہ ذهن نشين رهي تہ ڪن وقتن ۾ ذڪر ڪيل متي شين مان جي خواب ڪنهن ٻئي ڪي اتفاقيہ بہ اچي وجن ٿا. اُن جون تعبيرون حسب حال جدا جدا ٿينديون. ان جو مقصد نفس مطمئنہ جو حامل نہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ خواب سان گڏوگڏ نفس جي صفتن جي طرف بہ توجہ رهڻ گهرجي. بنيادي شيءِ نفس جون صفتون آهن جيڪڏهن ذڪر ڪيل صفتون صاحب رؤيا جي نفس ۾ موجود آهن تہ اهڙي خواب جي دلالت نفس مطمئنہ تي ٿيندي ورنہ هر خواب ڪي جدا جدا تعبير جي طرف رجوع ڪيو ويندو. هي وڏو باريڪ نُڪتو آهي ڪجهہ وقتن ۾ عام گناهگارن ڪي بہ ڪنهن خاص وقت حال، عمل يا ڪيفيت جي باعث انبياء عہ ۽ صالحن مان ڪنهن جي زيارت ٿي وجي ٿي ۽ ٻين پاڪ مقامن جي بہ ۽ ڪجهہ ٻيا صالح ٻانها بہ

اچي وڃن ٿا ان جو مطلب هي نہ ٿيندو تہ انکي ”نفس مطمئنہ“ حاصل ٿي ويو آهي.
بلڪ ان جي حقيقت هيءَ هوندي آهي تہ ان شخص جي نفس تي ڪڏهن ڪنهن خاص وقت ۾ يا ڪنهن خاص سبب ڪان عارضي طور تي اهڙي تجلي وارد هوندي آهي جيڪي ”نفس مطمئنہ“ جي ڪيفيت سان گڏ جزوي ۽ عارضي مماثلت پيدا ڪري ڏيئي ٿي. مثلاً اُن شخص ڪو خاص صدقي ۽ خيرات جو عمل ڪيو، حج ۽ عمرو ڪيو، ليلة القدر يا شب برات ۾ زياده عبادت ڪئي، گناهن تي رنو ۽ توبهہ ڪئي، ڪنهن مظلوم جي مدد ۽ فرياد رسي ڪئي، والدين جي خدمت ڪئي ۽ اُنهن کي خوش ڪيو، ڪنهن بزرگ يا ولي جي زيارت ڪئي، ڪڏهن تلاوت جي ڪثرت ڪئي يا حلقہء ذڪر ۽ محفل ميلاد ۾ شرڪت ڪئي وغيره وغيره.
الغرض اُن ڪان ڪوبہ نيڪ ڪم شعوري (سڄاڻي) يا لاشعوري (اڻ سڄاڻي) جي طور تي صادر ٿئي ٿو، جنهن جو نور ان جي نفس ۽ قلب و باطن تي وارد ٿئي ٿو. اُن ڪان عارضي طور تي اُن جي ايماني ڪيفيت ۾ اضافو ٿي وڃي ٿو جيتوڻيڪ ”نفس مطمئنہ“ جي ملڪوتي ڪيفيتن سان گڏ ان کي عارضي طور تي هڪ جزوي جي مناسبت نصيب ٿي وڃي ٿي. ان جو مشاهدو اُهو نيڪ خواب جي صورت ۾ ڪري وٺي ٿو. بعد ازان اُها حالت برقرار نٿي رهي تنهنڪري اُها ڪيفيت بہ زائل ٿي وڃي ٿي ڇاڪاڻ تہ اُن جو نفس مطمئنہ نہ هيو، اماره يا لوامہ ۽ ملهمہ هيو. هيءَ ڪيفيت جگنو جي چمڪاٽ يا جهڙ، بادل مان پيدا ٿيڻ واري بجلي جي چمڪ (روشني) جي ساڳئي طريقي سان ٿئي ٿي جيڪا ڪڏهن نہ ڪڏهن هر مسلمان تي وارد ٿيندي رهندي آهي ۽ اُن جي حسبِ حال ايندي ويندي رهي ٿي. اسان نفس جي جن صفتن جو ذڪر ڪري رهيا آهيون اُهي مستقل آهن عارضي ۽ اتفاقي نہ. ان لاءِ نفس جون اُهي خوابي صورتون بہ مستقل هونديون آهن يعني جڏهن بہ نفس جي باري ۾ دريافت حال ڪيو وڃي تہ خواب ۾ اُن نفس جي صورتن جي نشاندهي هجي ٻئي جي نہ.

مذڪوره بالا مثالي صورتن جون تعبيرون

قرآن مجيد جو خواب ۾ ڏسڻ قلب جي صفائي تي دلالت ڪري ٿو. ڪڏهن ائين بہ ٿئي ٿو تہ قرآن جي اهائي سورة يا آيت ڏسي ٿو يا ان جي تلاوت ڪري ٿو جيڪا ان جي حال مطابق هوندي آهي. تاهم هي علم جي تعبير جي ذريعي ڄاڻي سگهجي ٿو. هي آئينده جي خوشخبري جو اشارو بہ هوندو آهي. نبين سڳورن جي زيارت سان ايمان ۽ اعمال جي حالت تي دلالت هوندي آهي. ڪڏهن ان جي ذريعي هدايتون اچن ٿيون ڪڏهن اهي دلالت خود خواب ڏسڻ واري جي حال تي هوندي آهي. ڪڏهن قوم ۽ معاشري جي حالتن تي ۽ ڪڏهن دين ۽ شريعت ۽ سنت جي حالتن جي طرف بہ اشارو هوندو آهي. بادشاهہ جو ڏسڻ عبادت ۽ رياضت جي طرف رجوع جو اشارو هوندو آهي. اولياءَالله مان الاهي عشاقن جي زيارت عبادت ۾ استقامت ۽ باطني توجهہ جي طرف اشارو هوندو آهي. مشائخ ڪرام جي زيارت نفس جي رهنمائي هوندي آهي. قاضين ۽ ججن جو ڏسڻ احڪام الاهي جي پيروي تي دلالت ڪري ٿو.

خانہ ڪعبہ ۽ مدينہ منوره جي زيارت دل جي وهمن ۽ وسوسن ۽ خطرن کان پاڪ هجڻ ظاهر ڪري ٿو. ان جي ڪيفيت جو اندازو بہ زيارت جي ڪيفيت سان هوندو آهي. جامع مسجد، مدرسو، جهنڊو، تيرڪمان، بندوق ۽ ٻيا اسلحو (اوزار) وغيره حسب حال وسوسن جي موجودگي تي دلالت ڪري ٿو. هي رهنمائي هوندي آهي ان جو وڏيڪ ازالو ڪيو وڃي. معلوم هئڻ گهرجي هي وسوسا ۽ خطره ڪڏهن نفس جي طرف کان، ڪڏهن شيطان ۽ ڪڏهن دل جي طرف کان هوندا آهن ۽ هر صاحب مرتبن لاءِ ان جي حسب حال وارد ٿيندا رهن ٿا. انهن جو ازالو بہ جدا جدا طريقن سان ٿيندو آهي.

نفس مطمئنہ جي مقام تي مؤثر ذڪر (چوٿون وظيفو)

ان جي لاءِ مؤثر ذڪر جو اسم ”حق“ آهي ان اسم جو ذڪر هيٺ ڏنل طريقي تي ڪيو وڃي.

”يَاحَقُّ اَنْتَ الْحَقُّ“ اسمن توجهہ جي فروغ لاءِ

1 . **يَامُجِيبُ انْتَ الْحَقُّ**
2 . **يَامُغِيثُ انْتَ الْحَقُّ** جا ذڪر مفيد آهن. انهن جو عدد ٻه پنج لک 500،000 آهي.
عدد ذڪر بصورت خلوت اڪيلائي
جيڪڏهن سالڪ رياضت ذڪر جي لاءِ خلوت اختيار ڪري ته ان صورت ۾ ذڪر جو عدد فقط چاليهه هزار 40،000 آهي.
نفس مطمئنه جو جدول چارٽ
نفس مطمئنه جو سير.......... مع الله آهي
ان جو عالم .... ملڪ آهي
ان جو محل .... سر آهي
ان جو حال .... وصل آهي
ان جو وارد .... طريقت آهي
۽ ان جو نور .... سفيد رنگ جو آهي.
5 . **نفس راضيه**
هي پنجون نفس آهي ڪجهه مشائخن ۽ صوفين نفس مطمئنه کان پوءِ بقايه نفوس (نفسن) جو جدا ذڪر نه ڪيو ان جي نزديڪ راضيه، مرضيه ۽ صافيه ۽ ڪامله سڀ نفس مطمئنه جون ئي اعليٰ حالتون ۽ صفتون آهن. ڇاڪاڻ ته ان جا خواص ۽ احوال سابقه نفوس جي طرح بدلجندا ويندا آهن. انڪري انهن کي ٻه جدا نفسن جي قسمن جي طور تي شمار ڪيو ويو آهي. هونئن ته ڪجهه صو فين نفسن جي مختلف قسمن جي بجاءِ مطلقا "نفس" کي هڪ ئي مڃيو آهي. انهن ته ان جي حقيقت ۽ ماهيت تي گفتگو ڪئي آهي ۽ انهن جي صفتن ۽ احوالن تي ڪلام ڪيو آهي ايسيتائين ته انهن نفس اماره، نفس لوامه ۽ نفس مطمئنه کي ٻه ان هڪ ئي نفس جي مختلف برين ۽ سٺين حالتن ۽ خصلتن سان تعبير ڪيو آهي. انهن کي جدا قسم نه سمجهيو. اسان جي خيال ۾ ڳالهه ٻنهي صورتن ۾ هڪ ئي آهي. صرف فهم ۽ اظهار جا طريقا جدا جدا آهن جيڪڏهن انهن جي نفسن جون مختلف حالتون تصور ڪيون وڃن تڏهن

۽ انهن جا خواص ۽ احوال ۽ اثر ۽ ڪيفيتون تہ بدلجي ويون. اُهي پهرئين جي طريقي سان نہ رهيون انهن جا حڪم بہ بدلجي ويا ۽ انهن جي حاملين جا درجا ۽ مراتب بہ تبديل ٿي ويا. ان لاءِ صوفين انهن کي جدا قسم قرار ڏنو آهي. انهن جي بيان سان ڳالهہ ۾ زياده نظم ۽ سمجهڻ ۾ زياده سهولت پيدا ٿي وئي آهي. ورنہ هي مسئلو بحث ۽ اختلاف جو موضوع نہ بڻجڻ گهرجي. ڪو انهن ”ستن نالن“ کي نفس جا قسم سمجهي مراتب مقامات نفس سمجهي يا صفتون ۽ احوال نفس حقيقت هڪ ئي آهي. هاڻي اسان ٻيهر اصل مقصد جي طرف اچون ٿا ۽ اهو آهي ”نفس راضيہ“ هي اهو نفس آهي جنهن ۾ باري تعالىٰ جي جملہ فيصلن تي ۽ ان جي مشيت جي تمام حڪمن تي راضي ۽ خوش هجڻ جو ملڪہ پيدا ٿي وڃي ٿو. ظاهر ۾ معاملہ موافق هجن يا مخالف خواهہ نقصان ۽ تڪليف جا پهلو بہ واضع ۽ نمايان هجن مگر هي نفس ان کي امر الاهي سمجهي ڪري نہ صرف قبول ڪري وٺي ٿو بلڪ پنهنجي اندر خوشگواري ۽ مسرت ۽ فرحت جي ڪيفيت کي بدستور برقرار رکي ٿو. سواءِ ان جي هر حال ۾ الله سائينءَ کان راضي هجڻ جي باعث ان کي ”نفس مرضيہ“ جو نالو ڏنو ويو آهي. ان جو ذڪر نفس مطمئنہ سان گڏ انهن لفظن ۾ ڪيو ويو آهي.

ارْجِعِي اِلَىٰ رَبّ‍ِ رَاضِيَةً (**فجر** 89 . **آيت** 28)

پنهنجي رب جي طرف موٽي اچ ان حال ۾ تہ تو ان سان راضي هج. حضرت زڪريہؑ جڏهن بارگاهہ الاهي ۾ پٽ جي لاءِ دعا ڪئي تہ گڏ ئي هي عرض ڪيو.

وَاجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا (**مريم** 19 . **آيت** 6)

۽ اي منهنجا رب ان کي پنهنجي رضا جو حامل بڻائج. يعني اهو هر حال ۾ توسان راضي رهي.

نفس راضيہ جون صفتون ۽ ان جون مثالي صورتون

ان جي نمايان صفتن مان ذڪر ۽ فڪر، زهد ۽ ورع، رياضت ۽ مجاهدو، تقويٰ ۽ پرهيزگاري، عشق الاهي، ترڪ ماسوي الله، وفا ۽ ڪرامتون آهن.

بصورت خواب ان جي مثالي صورتن ۾ فرشتا، حورون، جنت، بُراق، غلمان جنت، زيور ۽ جنتي پوشاڪون وغيره ڏسڻ شامل آهن. اهڙي طرح چنڊ ۽ سج جو ڏسڻ بہ نفس مرضيہ تي دلالت ڪري ٿو. ۽ ان جي تعبيرن ۾ هي آهي تہ ملائڪ، جنت يا حور ۽ غلمان جو ڏسڻ عقل ڪامل ۽ قرب الاهي تي دلالت ڪري ٿو. سج ۽ چنڊ جو ڏسڻ معرفت الاهي جي ملڻ جي خوشخبري آهي تہ انشاءالله هي نعمت عطا ڪئي ويندي.

نفس راضيہ جي مقام تي مؤثر ذڪر ـ پنجون وظيفو

اُن جي لاءِ مؤثر ذڪر جو اسم "حَيُّ" آهي. ان جو عدد بہ پنج لک 500،000 آهي. ان جي تسبيح "يَاحَيُّ اَنۡتَ الۡحَيُّ" جي ڪلمن سان گڏ ڪيون وڃن.

اُن ذڪر ۾ توجهہ فروغ جي لاءِ هيٺ ڏنل ذڪر مفيد آهن.

1 ـ **يَا جَمِيۡلُ اَنۡتَ الۡحَيُّ**

2 ـ **يَا عَظِيۡمُ اَنۡتَ الۡحَيُّ**

3 ـ **يَا عَلِيُّ اَنۡتَ الۡحَيُّ**

اهڙي طرح ان رياضت ذڪر جي لاءِ خلوت (اڪيلائي) اختيار ڪئي وڃي ان صورت ۾ ان ذڪر جوعدد ٽيهہ هزار 30،000 ٿيندو.

نفس راضيہ جو جدول چارٽ

اُن جو سير .... في الله آهي

اُن جو عالم .... ملڪوت آهي

اُن جو محل .... سرالسر آهي

اُن جو حال .... فنا آهي

اُن جو وارد .... معرفت آهي

۽ اُن جو نور .... سائي رنگ جو آهي

نفس راضيہ جي فروغ ۽ تحقيق سان "فنا في الله" جو مقام نصيب ٿئي ٿو.

6 ـ **نفس مرضيہ**

هي ڇهون نفس آهي ۽ هي ئي نفس جو سڀ کان ڪامل درجو آهي. جڏهن انسان جو عقل هر حال ۾ الله سان راضي رهڻ لڳي ٿو ۽ اُن جي مقام

رضا ۾ لغزش يا تزلزل نہ ٿو اچي تہ مقام جي اِهائي استقامت اُن کي "مرضيہ" جي درجي تي فائز ڪري ڇڏي ٿي. جنهن جو مطلب هي آهي هاڻي الله اُن سان ايتري قدر راضي آهي تہ اهو جيڪو چوندو اُهو ئي ڪيو ويندو. حقيقت هي آهي تہ ٻانهي جو نفس کي الله سان راضي هجڻ جي توفيق بہ اُن وقت نصيب ٿئي ٿي جڏهن الله سان راضي ٿي وڃي ٿو. البت نفس جو الله سان راضي هجڻ "مقام راضيہ" آهي ۽ الله جو اُن انساني نفس سان راضي هجڻ مقام مرضيہ آهي ۽ هي ٻئي گڏ لازم ۽ ملزوم آهن.

"مرضيہ" جو بيان بيعت رضوان ۾ شامل اصحابن سڀني جي شان ۾ آيو آهي. قرآن مجيد ۾ آهي.

لَقَدْ رَضِيَ اللَّهُ عَنِ الْمُؤْمِنِينَ إِذْ يُبَايِعُونَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ (فتح 48۔ آيت 18)

بيشڪ الله انهن مؤمنن سان راضي ٿي ويو جڏهن اُنهن کي (اي نبي مڪرم) اوهان جي هٿ مبارڪ تي وڻ جي هيٺان بيعت ڪئي.

اهڙي طرح "**رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ**" جي مقام مرضيہ ۽ مقام راضيہ ٻنهي جو ذڪر گڏ آهي ۽ ان آيت ڪريمہ ۾ جتي نفس مطمئنہ کي خطاب فرمايو ويو آهي اُن ترتيب سان ٻنهي مقامن جو ذڪر آهي تہ مرضيہ مقام راضيہ کان پوءِ آيو آهي. ارشاد ٿئي ٿو.

يَا أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً (فجر 89۔ آيت 27۔28)

اي نفس مطمئنہ ! موٽي اچ پنهنجي رب جي طرف، هن حال ۾ تہ تون اُن سان راضي هج ۽ اهو توسان راضي هجي.

سيدنا اسماعيل عليہ السلام جي مقام مرضيہ جو بيان قرآن مجيد ۾ هيءَ آيو آهي.

كَانَ يَأْمُرُ أَهْلَهُ بِالصَّلَاةِ وَالزَّكَاةِ وَكَانَ عِندَ رَبِّهِ مَرْضِيًّا (مريم 19۔ آيت 55)

اهو پنهنجي اهل و عيال کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم فرمائيندا هئا ۽ اُهو پنهنجي رب جي حضور مقام مرضيہ تي فائز هئا (يعني الله اُن سان گهڻو راضي هو)

نفس مرضيه جون صفتون ۽ اُن جون مثالي صورتون

اُن جي صفتن مان نرمي، لطف ۽ ڪرم، جمله اخلاق حسنه، قرب الاهي ۽ متابعت محمدي ﷺ به خاص طور تي قابل ذڪر آهن. هيءَ ڳالهه ذهن نشين رهي ته پويان پاڪيزه خواص ۽ صفتن جو پهرين مبارڪ نفوس جي ذريعي حاصل ٿيا هئا. اينڊڙ مقام ۾ برقرار رهن بلڪ اُن ۾ دوام ۽ ترقي پيدا ٿي وڃي. ان مقام جي مثالي صورتن ۾ ست آسمان، سج، چنڊ، ستارا، آسماني بجلي، سخت باهه، ٻرندڙ شمع ۽ روشن چراغ وغيره شامل آهن.

اُنهن جي تعبيرن ۾ هي آهن ته آسمان کي خواب ۾ ڏسڻ ان جي نگاهه جو دائما اللهٰ تعالى جي متعلق ٿي وڃڻ جو اشارو آهي ڪنهن ستاري جو ڏسڻ ان جي پنهنجي نفس جو نور آهي. باهه جو ڏسڻ ان جي فنا ٿي وڃڻ جو طرف اشارو آهي. چنڊ جو ڏسڻ نور قلب تي ۽ سج جو ڏسڻ انوار روح تي دلالت ڪري ٿو. رعد (بجلي جي چمڪ) جو ڏسڻ يا ٻڌڻ ان جي غفلت تنبيه جي صورت ۾ راهه حق کان آگاهه ٿي وڃڻ جي طرف اشارو آهي. شمع ۽ چراغ جي روشني به دل جي نور جي علامت آهي.

نفس مرضيه جي مقام تي مؤثر ذڪر ڇهون وظيفو

اُن جي لاءِ مؤثر ذڪر اسم "قيوم" آهي جنهن کي "ياقيوم" جي تسبيحن جي صورت ۾ ڪيو وڃي.

فروغ توجهه جي لاءِ هيٺ ڏنل ذڪر مفيد آهن.

1. **يَا قَيُّوۡمُ يَا كَافِيَ**
2. **يَا قَيُّوۡمُ يَا مُغۡنِيَ**
3. **يَا قَيُّوۡمُ يَا قَادِرُ**

تعداد "يا قيوم" جي ذڪر جون به پنج لک 500،000 تسبيحون آهن. مگر خلوت (اڪيلائي) ۾ وظيفو مڪمل ڪرڻو هجي ته ان جو تعداد ويهه هزار 20،000 ٿيندو.

نفس مرضيه جو جدول چارٽ

اُن جو سير .... عن الله آهي

اُن جو عالم .... **جبروت آهي**
اُن جو محل .... **خفي آهي**
اُن جو حال .... **حيرت آهي**
اُن جو وارد .... **حقيقت آهي**
۽ اُن جو نور .... **سياهه (ڪاري) رنگ جو آهي**

7 . نفس ڪامله (صافيه)

هي ستون نفس آهي ۽ هي ئي آخري ڪامليت جو آخري مقام آهي. هيٺ ڏنل آيت ڪريمه ۾ ان مقام جي طرف اشارو آهي.

يَا أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ه ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ه فَادْخُلِي فِي عِبَادِي ه وَادْخُلِي جَنَّتِي (فجر 89. آيت 27، 28، 29، 30)

اي نفس مطمئنه ! پنهنجي رب جي طرف راضيه ۽ مرضيه جي حالتن ۾ موٽي اچ. پوءِ تون منهنجي (ڪامل) ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ ۽ منهنجي (اعلٰي) جنت " رهائش ڪري وٺ.

"عِبَادِيۡ" (منهنجي ٻانهن) ۾ داخل هئڻ جي حڪم نفس کي شان ڪامليت سان سرفراز ڪري رهيو آهيان ۽ "جَنَّتِي" (منهنجي جنت) ۾ رهائش ڪرڻ جو حڪم ان کي اعلٰي مقام سان ٻهرياب ڪري رهيو آهي. سيدنا غوث اعظم جيلاني ؒ فرمايو آهي ته جنت جا ڪجهه قسم ۽ درجا آهن.

1 . جنت الماويٰ : . هي عالم ملڪ جنت آهي. جڏهن نفس الله جو حضور جي طرف رجوع ڪري ٿو ته طريق شريعت جو سفر طئي ڪرڻ کان بعد جنت نصيب ٿئي ٿي ان جو مقام "سدرة المنتهيٰ" وٽ آهي. ارشاد آهي.

وَلَقَدْ رَآهُ نَزْلَةً أُخْرَىٰ ه عِندَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهَىٰ ه عِندَهَا جَنَّةُ الْمَأْوَىٰ ه (نجم 53. آيت 13، 14، 15)

۽ ان کي ته انهن هڪ دفعو ٻيهر ٻه ڏٺو (يعني) سدرة المنتهيٰ جي پرسان اُهو مقام جنهن جي پرسان ماويٰ آهي.

2. **جنت النعيم :** . هي عالم ملڪوت جي جنت آهي جيڪو نفس جو سفر طريقت مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نصيب ٿئي ٿو. هي مقام ابرار آهي جنهن جي لاءِ ارشاد فرمايو ويو آهي.

إِنَّ الْأَبْرَارَ لَفِي نَعِيمٍ ہ عَلَى الْأَرَائِكِ يَنظُرُونَ ہ تَعْرِفُ فِي وُجُوهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِيمِ ہ يُسْقَوْنَ مِن رَّحِيقٍ مَّخْتُومٍ ہ خِتَامُهُ مِسْكٌ وَفِي ذَٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُونَ ہ

(مطففين 83. آيت 22 تا 26)

بيشڪ نيڪ ماڻهو نعمت (جي باغن) ۾ هوندا تختن تي ويٺل (الله جي نعمتن جو) نظارو ڪري رهيا هوندا توهان انهن کي چهرن تي خوشحالي جي شگفتگي ڏسندو. اُنهن کي مٽي تي مهر خالص (پاڪيزه) شراب پياريو ويندو. اُن تي مشڪ جي نهر هوندي ۽ (يقيناً هي اُهو شراب آهي تہ) ان جي لاءِ حرص ڪرڻ وارن کي گهرجي تہ حرص ڪن اهڙي طرح ارشاد رباني آهي.

إِنَّ الْأَبْرَارَ يَشْرَبُونَ مِن كَأْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُورًا ہ عَيْنًا يَشْرَبُ بِهَا عِبَادُ اللَّهِ يُفَجِّرُونَهَا تَفْجِيرًا ہ يُوفُونَ بِالنَّذْرِ وَيَخَافُونَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهُ مُسْتَطِيرًا ہ وَيُطْعِمُونَ الطَّعَامَ عَلَىٰ حُبِّهِ مِسْكِينًا وَيَتِيمًا وَأَسِيرًا ہ إِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللَّهِ لَا نُرِيدُ مِنكُمْ جَزَاءً وَلَا شُكُورًا ہ إِنَّا نَخَافُ مِن رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوسًا قَمْطَرِيرًا ہ فَوَقَاهُمُ اللَّهُ شَرَّ ذَٰلِكَ الْيَوْمِ وَلَقَّاهُمْ نَضْرَةً وَسُرُورًا ہ وَجَزَاهُم بِمَا صَبَرُوا جَنَّةً وَحَرِيرًا ہ مُّتَّكِئِينَ فِيهَا عَلَى الْأَرَائِكِ لَا يَرَوْنَ فِيهَا شَمْسًا وَلَا زَمْهَرِيرًا ہ وَدَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلَالُهَا وَذُلِّلَتْ قُطُوفُهَا تَذْلِيلًا ہ وَدَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلَالُهَا وَذُلِّلَتْ قُطُوفُهَا تَذْلِيلًا ہ قَوَارِيرَ مِن فِضَّةٍ قَدَّرُوهَا تَقْدِيرًا ہ وَيُسْقَوْنَ فِيهَا كَأْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنجَبِيلًا ہ عَيْنًا فِيهَا تُسَمَّىٰ سَلْسَبِيلًا ہ وَيَطُوفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُونَ إِذَا رَأَيْتَهُمْ حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنثُورًا ہ وَإِذَا رَأَيْتَ ثَمَّ رَأَيْتَ نَعِيمًا وَمُلْكًا كَبِيرًا ہ عَالِيَهُمْ ثِيَابُ سُندُسٍ خُضْرٌ وَإِسْتَبْرَقٌ وَحُلُّوا أَسَاوِرَ مِن فِضَّةٍ وَسَقَاهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُورًا ہ إِنَّ هَٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَاءً وَكَانَ سَعْيُكُم مَّشْكُورًا ہ (دهر 76. 5. 22)

جيتوڻيڪ نيڪوڪار اهڙا جام شراب پيئند جنهن ۾ ڪافور جي خوشبو ٿيندا (اهو ڪافور ڇا آهي؟) هڪ چشمو آهي جنهن مان الله جا (خاص) ٻانها پيئندا (۽ پنهنجي نظر التفات کان) جتي چاهيندا ان کي وهائي ڇڏيندا (هي ابرار ماڻهو اهي آهن جيڪي) پنهنجي نذرن کي پورو ڪن ٿا ۽ اُن (قيامت جي) ڏينهن کان ڊڄن ٿا جنهن (ڏينهن) جي مصيبت ڦهلجي ويندي ۽ (هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي) مسڪين يتيم ۽ قيديءَ کي اُن جي (يعني الله جي) محبت ۾ کاڌو کارائن ٿا. (انهن جو چوڻ هي هوندو آهي ته) اسان توهان کي فقط الله جي خوشنودي جي لاءِ کاڌو کارايون ٿا. نه اسان توهان کان ڪو به معاوضو چاهيون ٿا ۽ شڪريه. اسان ته پنهنجي رب کان اُن ڏينهن (جي باري ۾) ڊڄون ٿا جيڪو نهايت اداس ڪرڻ وارو ۽ سخت هوندو. پوءِ الله انهن کي (ان جي ان خدشي ۽ خوف جي باعث) ان ڏينهن جي شر کان بچائيندو ۽ انهن کي (يعني انهن جي چهرن کي) شگفتگي ۽ (دلين کي) سرور عطا فرمائيندو ۽ ان جي صبر جي بدلي انهن کي جنت ۽ ريشمي پوشاڪ عطا ٿيندي. اُهي ماڻهو اُن ۾ تختن تي وينل هوندا. نه ته اُهي (گرمي جي) تپش محسوس ڪندا نه (سردي جي) ٺيٺرن (هڪ خوشگوار موسم هوندي) ۽ ان جي (وڻ جا) پاڇا اُن جي قريب هوندا ۽ ميون جا ڇڳا جهڪيل لڙڪيل هوندا (ته جهڙيءَ طرح چاهيندا اهي ان مان لطف اندوز ٿين) ۽ (خدمت ڪندڙ) ان جي اردگرد چانديءَ جا ظروف ۽ شيشي جا (جيڪي صاف سٿرا) گلاس کڻي ڦرندا هوندا ۽ شيشا به چانديءَ جا جن کي انهن (خدمت ڪندڙ) صحيح انداز سان (۽ هر شخص جي خواهش جي مطابق) ڀريل هوندو ۽ انهن (جنتين) کي اُتي اهڙا جام پياريا ويندا جن ۾ زنجبيل جي آميزش هوندي (جيڪا لذت ۽ فرحت ۾ پنهنجو مثال پاڻ هوندي ان جو قياس دنيا جي زنجبيل ۽ خنجر تي نه ڪرڻ گهرجي). (هي ته جنت جو) هڪ چشمو آهي جنهن جو نالو سلسبيل آهي ۽ ان جي ويجهو (پيارا پيارا) ڇوڪرا ايندا ويندا جيڪي هميشه اهڙا ئي رهندا جيڪڏهن تون انهن کي ڏسندين ته سمجهندين ته (جيتوڻيڪ) موتي آهن جيڪي ٽڙي ڪنڊڙي ويا آهن ۽ (اي مخاطب ان جو حال هيئن

سمجهه تہ) ان ۾ تہ (جاڏي نظر ڪٽي) ڏسندين توکي نعمت ئي نعمت ۽ وڏي بادشاهيت نظر ايندي (جيڪا هر جنتيءَ کي نصيب ٿيندي ۽) اُنهن (جنتين) جي جسمن تي سنهڙو سبز ريشم ۽ دبيز ريشم جا ڪپڙا هوندا ۽ اُنهن کي (بطور اعزاز جي) چاندي جا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ انهن جو پروردگار اُنهن کي پاڪيزه شراب پياريندو (جيڪو قلب کي روشن کان روشن تر ڪري). (۽ اُنهن کي چيو ويندو تہ اي اهل جنت) هي آهي توهان جو صلو (بدلو) ۽ توهان جي محنت (جيڪا توهان دل ۾ اللّٰه کي راضي ڪرڻ جي لاءِ ڪندا هيئو اچ) قبول ٿي وئي.

3 . **جنت الفردوس :** . هي عالم جبروت جي جنت آهي، جيڪا نفس کي سفر معرفت مکمل ڪرڻ ڪانپوءِ نصيب ٿئي ٿي.

ارشاد فرمايو ويو آهي.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنَّاتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ہ خَالِدِينَ فِيهَا لَا يَبْغُونَ عَنْهَا حِوَلًا (**الڪهف** 18۔**آيت** 107 ، 108)

بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪندا رهيا تہ انهن جي لاءِ فردوس جي باغن جي مهماني ٿيندي. اُهي اُن ۾ هميشہ رهندا اُن کان پنهنجي رهائش ڪڏهن متائڻ نہ چاهيندا.

هتي حضور الاهي کان نفوس قدسيہ جي خصوصي مهمان نوازي هوندي آهي ۽ ميزباني خود غفور و رحيم رب ڪريم جي هوندي آهي. ارشاد فرمايو ويو آهي.

إِنَّ الَّذِينَ قَالُوا رَبُّنَا اللَّهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلَائِكَةُ أَلَّا تَخَافُوا وَلَا تَحْزَنُوا وَأَبْشِرُوا بِالْجَنَّةِ الَّتِي كُنتُمْ تُوعَدُونَ ہ نَحْنُ أَوْلِيَاؤُكُمْ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَفِي الْآخِرَةِ وَلَكُمْ فِيهَا مَا تَشْتَهِي أَنفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيهَا مَا تَدَّعُونَ ہ نُزُلًا مِّنْ غَفُورٍ رَّحِيمٍ ہ (**فصلت** 41۔**آيت** 30 ، 31 ، 32)

بيشڪ جن ماڻهن اقرار ڪيو تہ اسان جو پروردگار اللّٰه آهي پوءِ (ان تي) قائم رهيا تہ اُنهن تي فرشتا نازل ٿين ٿا (جيڪي اُنهن کي چون ٿا) تہ

توهان نہ ڊڄو ۽ غم نہ ڪريو ۽ توهان جنت جي خوشخبري ٻڌو جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هو ۽ اسان توهان جا دنيا ۾ رفيق آهيون ۽ آخرت ۾ (بہ توهان جا رفيق رهنداسين) ۽ توهان جي لاءِ اُتي سڀ موجود آهي جيڪا توهان جي دل چاهي ۽ توهان جي لاءِ اُهو سڀ بہ جيڪو گُهرو موجود آهي. هيءَ مهماني آهي بخشڻ واري رحم فرمائڻ واري (پروردگار) جي طرف کان.

اهل جنت جي حسنہ صفتن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ هنن لفظن ۾ آيو آهي.

قَدْ أَفْلَحَ الْمُؤْمِنُونَ ہ الَّذِينَ هُمْ فِي صَلَاتِهِمْ خَاشِعُونَ ہ وَالَّذِينَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُونَ ہ وَالَّذِينَ هُمْ لِلزَّكَاةِ فَاعِلُونَ ہ وَالَّذِينَ هُمْ لِفُرُوجِهِمْ حَافِظُونَ ہ إِلَّا عَلَى أَزْوَاجِهِمْ أَوْ مَا مَلَكَتْ أَيْمَانُهُمْ فَإِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُومِينَ ہ فَمَنِ ابْتَغَى وَرَاء ذَلِكَ فَأُوْلَئِكَ هُمُ الْعَادُونَ ہ وَالَّذِينَ هُمْ لِأَمَانَاتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رَاعُونَ ہ وَالَّذِينَ هُمْ عَلَى صَلَوَاتِهِمْ يُحَافِظُونَ ہ أُوْلَئِكَ هُمُ الْوَارِثُونَ ہ الَّذِينَ يَرِثُونَ الْفِرْدَوْسَ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ہ

(المومنون 23۔آيت 1 کان 11)

بيشڪ ايمان وارن مراد حاصل ڪئي. جيڪي ماڻهو پنهنجي نماز ۾ عجز ۽ نياز ڪن ٿا. ۽ جيڪي بيهوده ڳالهين کان (هر وقت) پاسي رهن ٿا ۽ جيڪي هميشہ زڪوات ادا (ڪري پنهنجي جان ۽ مال کي پاڪ) ڪندا رهن ٿا. ۽ جيڪي (هميشہ) پنهنجي شرم گاهن جي حفاظت ڪندا رهن ٿا، سواءِ پنهنجي گهر وارين جي يا انهن ٻانهين جي انهن جي هٿن جي ملڪيت آهن. بيشڪ (شريعت جي حڪمن جي مطابق ان وٽ وڃڻ سان) انهن تي ڪابہ ملامت ناهي. پوءِ جيڪو شخص انهن (حلال عورتن) کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو خواهشمند ٿيو تہ اهڙا ماڻهو ئي حد کان تجاوز ڪرڻ وارا (سرڪش) آهن. ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي امانتن ۽ پنهنجي واعدن کي پاڙڻ وارا آهن، ۽ جيڪي پنهنجي نمازن جي (مداومت سان گڏ) حفاظت ڪرڻ وارا آهن. اُهي ئي ماڻهو (جنت جا) وارث هوندا. هي ماڻهو جنت جي

سڀ کان اعليٰ باغن (جتي تمام نعمتن، راحتن ۽ قرب الاهي جي لذتن جي ڪثرت هوندي) انهن وراثت (ب) حاصل ڪندا اُهي ان ۾ هميشہ رهندا.
4 . **القربہ** : . هي سڀ جنتن کان بلند علام لاهوت جي منزل آهي جيڪي نفس کي حقيقت مڪمل ڪرڻ سان نصيب ٿئي ٿي. هي صرف مقربين (اهل قربت) کي عطا ٿئي ٿي. عابد ۽ زاهد دنيا کان جنت جي طرف سفر ڪن ٿا ۽ عارف ۽ عاشق جنت کان قربت جي طرف سفر ڪن ٿا.
ان منزل جو اشارو هن آيت ڪريمہ ۾ آهي تہ :
وَمِزَاجُهُ مِن تَسْنِيمٍ ه عَيْنًا يَشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُونَ (المطففين 83 . آيت 27 ۽ 28)
(ابرار کي جنت نعيم ۾ پيارڻ واري) شراب طهور ۾ آب تسنيم جي آميزش ڪئي وئي هوندي. تسنيم هڪ خاص چشمو آهي. جتان صرف مقربين (شراب قرب) پيئندا آهن.
هي تہ پيئڻ وارا ئي بهتر ڄاڻن ٿا تہ "چشمہ قربت" آيان وري "چشمہ محبت" ۽ انهن جو پيئڻ جامن سان هوندو آهي يا نظرن سان ڇو تہ "**لَكُمْ فِيهَا مَاتَشْتَهِيَ اَنْفُسُكُمْ**" جو مقام آهي.
(توهان کي هتي اهو ڪجهہ ملندو جيڪو توهان جي دل چوندي) ۽ هتي هيسيتائين پهچڻ وارا تہ جنتي نعمتن مان ڪنهن بہ شيءِ جا طالب ناهن هوندا صرف ديداريار جي. ۽ هرهر انهيءَ جلوه زيبا جي سوا نہ هر وقت انهن جي طلب عطا ويندي رهندي.
ارشاد رباني آهي تہ عالم آخرت ۾ ماڻهن کي ٽن طبقن ۾ ورهايو ويندو.
1 . **اصحاب المشئمہ** (اصحاب الشمال)
هي پنهنجي پنهنجي حسب حال و اعمال دوزخ جي مختلف درجن ۾ ويندا.
2 . **اصحاب الميمنہ** (اصحاب اليمين)
هي جنتي ماڻهو هوندا. هي بہ پنهنجي حسب حال و اعمال جنت جي مختلف درجن ۾ ويندا. جيئن اسان عرض ڪيو آهي تہ ڪا جنت الماوي آهي. ڪا جنت النعيم آهي ڪو جنت الفردوس ۾.

3 ـ **مقربون** : ـ هي اهل قربت هوندا جن کي جنت جا اهم مذکورا وڏا بالادرجات بہ ملندن پر اُهي سيني درجن کان بلند و بالا خاص مقام قربت سان نوازيا ويندا. هي انهن جو مقام "راحت" هوندو جيتوڻيک جنت النعيم ۽ جنت الفردوس انهن جو قيام گاهہ هوندو ۽ "مقام قربت" انهن جو آرامگاهہ جنت انهن جو محل هوندو ۽ قربت انهن جي سيرگاهہ، باغ جنت ۾ رهندا ۽ باغ قربت ۾ ڦرندا رهندا. ڪاڏو جنت مان ڪائيندا ۽ مئخاني قربت سان پيئندا رهندا، ڇوتہ عام جنت ۾ حسن محبوب حجاب ۾ هوندو ۽ خاص قربت ۾ بي حجاب ان لاءِ اهل قربت جي لاءِ ٽن نعمتن جو ذکر آهي.

فَأَمَّا إِن كَانَ مِنَ الْمُقَرَّبِينَ ○ فَرَوْحٌ وَرَيْحَانٌ وَجَنَّةُ نَعِيمٍ (الواقعه 56ـ آيت 88، 89)

بس جيڪو ڪوئي تہ اهل قربت مان هوندو (ان جي لاءِ سِين کان وڌيڪ) تہ خصوصي (روح) راحت ۽ ڪيف و سرور جو مقام هوندو. وڌيڪ هي تہ (ريحان) جنت جو سڄو رزق حسن ۽ سبزي ۽ باغ بہ هوندا ۽ جنت نعيم بہ پنهنجون تمام گهڻيون آسائشن سان گڏ ميسر هوندي.

اهل قربت کي روح ريحان ۽ جنت نعيم ٽئي نعمتون هڪ ئي وقت عطا ٿينديون.

حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعالٰي فرمايو تہ "وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ" (۽ منهنجي جنت ۾ اچ) جي الفاظ ۾ انهيءَ آخري مقام يعني "منزل قربت و راحت" جي طرف اشارو فرمايو آهي.

نفس ڪاملہ، صافيہ جون صفتون ۽ مثالي صورتون

هن نفس جون صفتون مان گوشہ نشيني (خلوت و عزلت) عبادت، مفارقت، عن الغير، خاموشي، سچائي، مددگاري، واعدي وفائي، اطاعت و فرمانبرداري حق ۽ نسبت عبديت و نسبت محمديت ٻنهي ۾ ڪمال درجي جو رکنڌڙ هجي.

هن نفس جون مثالي صورتن مان بارش، برف، اولي، ندي، نهر، درياهہ، چشمو ۽ ڪوهہ وغيره خواب ۾ ڏسڻ آهي.

انهن جي تعبيرات مان هي آهي تہ هي سڀ حق جي راهہ کُلي پوڻ جون علامتون آهن. جيئن ارشاد فرمايو آهي.

"وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا" (جيڪي ماڻهو اسان جي خاطر اسان جي راهہ ۾ مجاهدو ڪن ٿا. اسان ضرور انهن تي پنهنجون سڀ راهون کولي ڇڏيندا آهيون). بارش رحمت تي دلالت ڪري ٿي. برف باري ۽ اولا رحمت ۾ ڪثرت جي علامت آهي. ندي، نهر، چشمو ۽ ڪوهہ معرفت الاهي ۽ حصول اخلاق تي دلالت ڪري ٿي.

نفس ڪاملہ صافيہ جي لاءِ مؤثر ذڪر (ستون وظيفو)

ان مقام جي لاءِ مؤثر ذڪر "قهار" آهي. ان ۾ خاص توجهہ جي لاءِ هيٺيان ذڪر مفيد آهن.

1 . **يَاقَيُّوْمُ يَا قَهَّارُ**

2 . **يَا جَبَّارُ يَا قَهَّارُ**

3 . **يَا وَدُوْدُ يَا قَهَّارُ**

تعداد " يا قهار" جو ذڪر بہ پنج لک (500000) آهي پر اڪيلائيءَ ۾ ڏهہ هزار 10000 ٿيندو.

نفس ڪاملہ صافيہ جو جدول

اُن جو سير .... بالله آهي

اُن جو عالم .... لاهوت آهي

اُن جو محل .... اخفي آهي

اُن جو حال .... بقا آهي

اُن جو وارد .... محمديت آهي

۽ اُن جو رنگ .... بي رنگ آهي.

ضروري هدايت : . سالڪ کي گهرجي تہ جڏهن بہ ستئي وظيفا مڪمل ڪري پوءِ شروع ڪان انهن وظائفن کي ٻئي دائري انهي ترتيب سان شروع ڪري، ايسيتائين جو انهن وظائفن سان گڏ ست دائرا مڪمل ڪري. الله تعاليٰ پنهنجي رحمتن سان حق جون راهون کولي ڇڏيندو.

نفس ڪاملہ مقام محمديت ۽ حضرت الوهيت

جڏهن نفس مرضيه وارد حقيقت جو سفر مڪمل ڪندو آهي ته اهو عالم جبروت جي درجن کي مڪمل ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن اهو انهيءَ ڪناري تي پهچندو آهي، ته ان کي "**فَادۡخُلِي فِيۡ عِبَادِيۡ**" جي ندا سان " عالم لاهوت" ۾ داخل ڪيو ويندو آهي، جتي ان کي قربت خاصه جي حريم ۾ ويهاريو ويندو آهي. (يعني مقام ڪامله آهي) هتي ان کان حجابات ڪنيا ويندا آهن. انهن سيني حجابن جو ڪجندي ئي ان کي معلوم ٿيندو آهي ته اهو مقام "ورود محمديت" جي سمنڊ ۾ اچي ويو آهي.

"ورود محمديت" جي مقام جي منزل شريعت، مقام طريقت، مرتبو معرفت ۽ درجا حقيقت سڀ کان وڏيڪ آهن. ان کان اڳتي حقيقت محمديت آهي. هي مقام هڪ هزار نور جي پردن ۾ مخفي (لڪيل) آهي جن جي باري ۾ حضرت سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطاميؒ فرمائن ٿا ته مان "حقيقت محمديت" جي مقام کي ڄاڻڻ جي لاءِ انهن هڪ هزار حجابن نور ۾ پهرئين ئي پردي جي طرف وڌڻ جو ارادو ڪيو ته مونکي ٻڌايو ويو ته جيڪڏهن تون پهرئين پردي جي قريب ويندي ته سڙي خاڪ ٿي ويندي.

(جواهر البحار، امام يوسف بن اسماعيل نبهانيؒ)

هتي انسان جي روحاني پرواز ختم ٿي وڃي ٿي. بس هي بارگاهه "محمديت" جو دروازو آهي. هيءُ ئي ولايت جو معراج آهي. حضرت ڪريم ﷺ جن پاڻ هر طبقي جي اولياءَ جي لاءِ اُن جي حسب حال نزول فرمائيندا آهن. ۽ هر مقام مرتبو ان جي استعداد جي مطابق جلوه افروز ٿيندا آهن. هي ئي ان جون ڪچهريون آهن ۽ انهيءَ ۾ حضوري وارن جون حضوريان هونديون آهن. جيتوڻيڪ " حقيقت محمديت" تائين ڪنهن جي رسائي ناهي ٿيندي. اتي جبرائيل امين جا به پر سڙي ويندا آهن. پوءِ ان "حقيقت محمديت" جي مٿان "حضرت الوهيت" آهي. هي حقيقت امڪان ۽ اهو حقيقت وجوب. هي حقيقت عبديت آهي ۽ هو حقيقت محبوديت. هي ٻئي حقيقتون پاڻ ۾ ڪنهن طرح ملاقات ۽ وصال ڪنديون آهن.

ڪنهن کي خبر ناهي، ڇو ته سڀ کان گهڻي خبر رکندڙ ملائڪ به سدرة المنتهٰي تي روڪيا ويندا آهي.
1 . انهن جون ملاقاتون ڪڏهن "دَنٰي" ۽ "تَدَلّٰي" (ٻئي هڪ ٻئي جي قريب آهن) جي رنگ ۾ ٿينديون آهن.
2 . ۽ ڪڏهن **"قَابَ قَوۡسَيۡنِ"** (هي ملاقات ٻن ڪمانن جي مثل آهي). قربت ۾ بدلي ويندي آهي.
3 . ۽ ڪڏهن **"اَوۡ اَدۡنٰي"** (يا ان کان به وڌيڪ ويجهو) فرمائي سوچڻ وارن جي سوچ تي ۽ ڳالهائڻ وارن جي زبانن تي پابندي لڳائي وئي آهي.
جڏهن "حقيقت محمديت" جي ڪامل معارفت ڪنهن کي ناهي ته "حضرت الوهيت" جي ڪمال جو اندازو ڪنهن کي ٿي سگهي ٿو. جتي "زبان محمديت" به هيءُ چوندي آهي ته **"اَفَلَا اَکُوۡنُ عَبۡدًا شُکُوۡرًا"** (ڇا مان ان جو شڪر گذار ٻانهو نه ٿيان) ۽ هتي ان مقام محبوبيت و مقربيت جي آخري حد تي جلوه فگن ڪري زبان الوهيت فرمائيندي آهي.
فَأَوۡحَىٰٓ إِلَىٰ عَبۡدِهِۦ مَآ أَوۡحَىٰ ۝ (النجم 53 : 10)
پو (الله رب العزت بنا واسطي) پنهنجي بندي کي جيڪا وحي فرمائڻي هئي فرمائي.
بس ان پنهنجي مقرب ٻانهي کي قربت "اوادنٰي" ۾ جلوه فگن ڪري وحي فرمائي جا به فرمائي.
هي ڪلمات ٻن راز ٻڌائي رهيا آهن.
هي هڪ ته حقيقت محمديت جو مقام حضرت الوهيت ۾ تمام گهڻي قربت ۽ منزلن جي بعد به "عبديت" (الي عبده) جو ئي آهي. ۽ ٻئي وحي فرمائي. جيڪا به فرمائي ته ڪلما ٻڌائي رهيا آهن ته حضرت الوهيت ۽ حقيقت محمديت جي باهمي تعلق و نسبت ۽ رشتا وربط جي معرفت ڪنهن جي لاءِ ممڪن ناهي ڇو ته حضرت الوهيت ان کي راز رکيو آهي.
"مااوحي" هڪ "سراڪبر" آهي جنهن کي اها ذات حق ئي ڄاڻيندي آهي يا ان جو محبوب جنهن کي انهيءَ ٻڌايو جيڪو به ٻڌايو.

تہ اسان جي انتها ان دربار جي دروازي تائين آهي. اندر جي اسان کي کهڙي خبر.

(والله اعلم بالصواب)



ختم شده